# حضرت امام جعفر صادق عليه السلام

امام جعفر صادق عليه السلام سن **80** هجريءَ ۾ مديني منوره ۾ ڄاوا. سندن والد جو نالو امام محمد باقرؑ آهي. سندن نسبي سلسلو چوٿين پيڙهيءَ ۾ حضرت علي ڪرم الله وَجْهَه سان ملي ٿو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي حضرت امام زين العابدينؑ کان ورتائون. پنهنجي ڏاڏي جي وفات کان پوءِ، پنهنجي والد جي درس ۾ شريڪ ٿيا ۽ تعليم جو سلسلو جاري رکيائون. پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي صحبت ۽ تعليم مان فيض پرايايون.

امام جعفر صادقؑ پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فقيهه هئا. ڪيترائي مشهور عالم ۽ فقيهه فيض حاصل ڪرڻ لاءِ وٽن اچي رهندا هئا. انهن ۾ فقه حنفيءَ جو باني امام ابوحنيفهؒ فقه مالڪيءَ جو بنياد وجهندڙ امام مالڪؒ ۽ دنيا جي مشهور مفڪر، ڪيمياادان، نجوم ۽ رياضيءَ جي ماهر ابو موسيٰ جابر بن حيان جا نالا ذڪر لائق آهن.

امام جعفر صادقؑ ديني مسئلن جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪري، انهن تي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فتوائون ڏنائون. سندن ديني فتوائن، فيصلن ۽ ديني سمجهاڻين اڳتي هلي باقاعدي فقه جي صورت اختيار ڪئي، جيڪا فقه جعفريه جي نالي سان مشهور آهي.

سندن ڏنل تعليم مان ڪي اهم ڳالهيون هي آهن:

* نماز پڙهو ۽ ان تي هميشه قائم رهو، ڇاڪاڻ ته نماز دين جو مضبوط ٿنڀو آهي.

* جيڪو شخص ٻين لاءِ کڏ کوٽي ٿو، اهو پاڻ انهيءَ کڏ ۾ ڪِرندو. جيڪو شخص بيوقوفن جي صحبت اختيار ڪري ٿو. سو ذليل ٿئي ٿو ۽ جيڪو شخص خراب هنڌن تي ويندو، ان لاءِ ماڻهو چڱو خيال نه ڪندا.

* هميشه سچ ڳالهائجي، پوءِ انهيءَ مان نفعو پهچي يا نقصان.

* جيڪڏهن ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻو هجي ته چڱن ماڻهن سان رکجي. فاجر ۽ فاسق ماڻهن کان هميشه دور رهجي. اهي ماڻهو اهڙي جبل وانگر آهن، جنهن مان نه ڪو پاڻيءَ جو چشمو ٿو نڪري ۽ نه وري مٿس ڪو وڻ ئي ٿو اُڀري. هو اهڙي زمين جهڙا آهن، جنهن تي ڪنهن به سلي پيدا ٿيڻ جي اُميد نه آهي.

حضرت امام مالڪؒ جي ڪچهريءَ ۾ هڪ دفعي حضرت امام جعفر صادقؑ جي ڳالهه اچي نڪتي پاڻ فرمايائون ته:

”آءٌ جعفر بن محمد جي خدمت ۾ جڏهن به حاضر ٿيندو هئس، تڏهن ڪيس هميشه مُرڪندي ڏسندو هئس. جڏهن سندن خدمت ۾ نبي ڪريم صَلَّي الله عَلَيه وآلہٖ وَسَلَّمَ جن جو ذڪر ٿيندو هو. تڏهن پاڻ ايترو متاثر ٿيندا هئا، جو سندن مُنهن مبارڪ زردي مائل ٿي ويندو هو. آءٌ نهايت گهڻو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هئس.

"پاڻ سدائين نماز پڙهندي ڏسڻ ۾ ايندا هئا، يا روزي جي حالت ۾ قرآن مجيد پڙهندي ڏسبا هئا. سندن دل ۾ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ٻہ خوف ڪونہ هو."

حضرت امام جعفر صادقؑ وڏا سخي هئا. جيڪو مستحق ۽ ضرورتمند وٽن ايندو هو، ان جي اهڙي نموني مدد ڪندا هئا، جو ماڻهن کي ان جي خبر ئي ڪانہ پوندي هئي. سندن دستور هو تہ جڏهن رات جو اوندهہ ٿيندي هئي، تڏهن هڪ ٽوڪريءَ ۾ مانيون، گوشت ۽ ٻيون کاڌي جون شيون وجهي مديني منوره جي گهٽين ۾ ويندا هئا ۽ ضرورتمندن کي ورهائي ڏيندا هئا. اهو عمل سندن آخري دم تائين قائم رهيو. اسلام جي هن بزرگ هستيءَ سن 148 هجريءَ جي شوال مهيني ۾ وفات فرمائي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- حضرت امام جعفر صادقؑ ڪهڙن استادن وٽ تعليم حاصل ڪئي؟

2- حضرت امام جعفر صادقؑ جن جا ڪهڙا مشهور شاگرد ٿي گذريا آهن؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

نسبي – پيڙهي – فيض – فاجر – فاسق – مستحق.

**(ج) ڪن ٻہ پنجن ڪمن جا نالا لکو:**

جيئن: لکڻ، پڙهڻ.

**(د) مٽن مائٽن جي رشتن جا نالا لکو، جيئن:**

ڏاڏو – پيءُ – ماءُ ۽ ڌيءَ.